# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2005

# SINDH ORDINANCE NO. I OF 2005

# سنڌ صوبو پينشن فنڊ (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SINDH PROVINCIAL PENSION FUND (AMENDMENT) ORIDINANCE, 2005

## (CONTENTS) فهرست


(Preamble) تمهيد

(Sections) دفعات

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

3. 2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

4. 2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

5. 2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2005

# SINDH ORDINANCE NO. I OF 2005

# سنڌ صوبو پينشن فنڊ (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SINDH PROVINCIAL PENSION FUND (AMENDMENT) ORIDINANCE, 2005

[10 جنوري 2005]

آرڊيننس جنھن ذريعي سنڌ صوبو پينشن فنڊ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبو پينشن فنڊ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي جيڪا هن ريت ٿيندي.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. هن آرڊيننس کي سنڌ صوبو پينشن فنڊ (ترميم) آرڊيننس

| | |
|---|---|
| Short title and commencement | 2005، سڏيو ويندو. |
| | (2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVIجي دفعہ 3 جي ترميم Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XXVI of 2002 | 2. سنڌ صوبو پينشن فنڊآرڊيننس، 2002 ۾ جنهن کي هن کانپوءِ بہ آرڊيننس سڏيو ويندو هن جي دفعہ 3 ۾، |
| | (i) ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظ "سال" ۽ لفظ "ذريعي جي وچ ۾ لفظ سيڙپڪاري جا ريٽرنس" کي اضافو ڪري، ۽ شامل ڪيو ويندو |
| | (ii) ذيلي دفعا (6) کانپوءِ هيٺين نئي دفعا شامل ڪئي ويندي |
| | (7) بورڊ پاڪستان ۾ شامل هڪ انشورنس ڪمپني سان معاهدو ڪري سگهي ٿو جنهن ۾ حڪومت جي منظوري سان ٺهيل هن اسڪيم جي تحت سرڪاري ملازمن کي پينشنري فائدا فراهم ڪرڻ لاءِ فنڊ جي ميدان ۾ انتظامن ۾ قابليت ۽ مهارت هجي. |
| 2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVIجي دفعہ 5 جي ترميم Amendment of section 5 of Sindh | 3. هن آرڊيننس جي دفعہ 5 ۾، |
| | (i) فنڊ دفعہ (1) جي لاءِ هيٺيان متبادل هوندو. |
| | (ii) ذيلي بورڊ جي طرفان سنڀاليو ۽ هلايو ويندو جيڪو مشتمل هوندو. |
| | (a) وزير ماليات چيئرمين |

Ordinance XXVI of 2002

(b) چيف سيڪريٽري — رڪن

(c) سيڪريٽري ماليات — رڪن

(d) سيڪريٽري (جي اي)ايس جي اي اينڊ سي ڊپارٽمينٽ — رڪن

(e) انيسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽس آف پاڪستان. — رڪن

(f) بينڪ يا تنظيم جو نمائندو جنهن ۾ فنڊ رکيل آهي — رڪن

2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVIجي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance XXVI of 2002

4. هن آرڊيننس جي دفعا 6 ۾،

(i) ذيلي دفعہ (2) جي لاءِ هيٺيان متبادل هوندا.

(2) چيئرمين بورڊ جي اجلاسن جي صدارت ڪندو.

(ii) ذيلي دفعہ (4) جي لاءِ هيٺيان متبادل هوندا.

(4) چيئرمين يا بورڊ جي ڪنهن بہ ميمبر کي معاوضو نہ ڏنوويندو

2002 جي سنڌ آرڊيننس XXVIجي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh

5. هن آرڊيننس جي دفعا 8 ۾ ذيلي دفعہ (2) جي لاءِ هيٺيان متبادل هوندا.

”بورڊ جي ذريعي منظور ٿيل رقم کي سيڪريٽري ماليات جي دستخطن سان بورڊ جي سيڪريٽري جي حيثيت سان فنڊ مان ڪڍيوويندو.

Ordinance
XXVI of 2002

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**